# اِحساسِ ڪمتري

## (جا ڪجهه سبب ۽ علاج)

**13-January-2022**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

13 جنوري، 2022 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# اِحسَاسِ ڪمتري

## (جا ڪجھ سبب ۽ علاج)

هن بيان ۾ اوهان ڇاڻي سگھندؤ

✿...احسَاسِ ڪمتري ڇا آهي؟ هن جو هڪ بنيادي سبب

✿...رابعه بصريه رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَیۡهَا جي حڪمت ڀري گفتگو

✿...”اَلۡحَمۡدُلِلّٰه “ چوڻ جون فضيلتون

✿...لفظِ رَبّ جي معنٰي ۽ مفهوم

پيشڪش
مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه(اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبه بياناتِ دعوتِ اسلامي)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ(دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا اسلامي ڀائرو!** نَوَيتُ سُنَّتَ الاِعتِكاف جي معنيٰ آهي: مون سُنَّت اعتڪاف جي نيت ڪئي. نيت دِل جي ارادي کي چئبو آهي، جڏهن بہ مسجد ۾ حاضِري نصيب ٿئي، ياد ڪري اعتڪاف جي نيت ڪري ونو! توري تَوَجُّھ جي ضرورت آهي، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ڪوڙ ثواب هٿ ايندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ، سحري افطاري ڪرڻ، دَم ڪيل پاڻي يا آبِ زَم زَم پيئڻ وغيره شرعاً جائِز نہ آهي، اعتڪاف جي نيت ڪنداسين تہ اهي ڪم بہ جائِز ٿي ويندا.

## درودِ پاڪ جي فضيلت

**فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن کي ڪا اَهم حاجت پيش اچي، هو مون تي ڪثرَت سان درود شريف پڙهي ڇوتہ درودِ پاڪ ڏُک، دَرد ۽ مصيبتن کي پري ڪري ٿو ۽ رِزق ۾ اِضَافو ڪري ٿو.[1]

دُور ہو جائیں دُنیا کے رنج واَلم | ہو عطا اپنا غم دیجئے چشم نم
مال ودولت کی کثرت کا طالب نہیں | تم پہ ہر دم کروڑوں دُرُود وسلام [2]

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]...بُسْتان الواعِظين، صفحہ:241۔
[2]...وسائل بخشش، صفحہ:604۔

# بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَفْضَلُ الْعَمَلِ اَلنِّيَّةُ الصَّادِقَةُ سچي نيت اَفضل عَمل آهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! سٺي نيت ماڻھو کي جنّت ۾ پھچائيندي آهي، بيان ٻڌڻ کان پھريان ڪجھ سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺو! مثلاً نيت ڪريو: ۞ رِضَاءِ اِلٰهي جي لاءِ بيان ٻُڌندس ۞ عِلمِ دين سکندس ۞ پورو بيان ٻُڌندس ۞ ادب سان ويھندس ۞ توجھ سان ٻڌندس ۞ پنھنجي اصلاح جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ جيڪو بيان ٻڌندس ٻين تائين پھچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! اڄ (اسان جي) بيان جو موضوع آهي: اِحسَاسِ ڪمتري. ۞ اِحسَاسِ ڪمتري ڇا آهي؟ ۞ هن جا ڪھڙا نقصان آهن؟ ۞ اِحسَاسِ ڪمتري کان بچڻ ڪيئن ممڪن آهي؟ ۞ دِينِ اسلام هن باري ۾ اسان جي ڪھڙي رهنمائي ڪري ٿو؟ اڄ اسان هن حوالي سان تفصيلي معلومات حاصِل ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

## اِحساسِ ڪمتري مان ڇا مراد آهي؟

اِحسَاسِ ڪمتري هڪ نفسياتي مرض (يعني دماغي بيماري) آهي، انگلش ۾ هن کي ***Infiriority Complex*** چيو ويندو آهي. *Complex* جي معنيٰ آهي: پوشيده خيال ۽ ***Infiriority*** جي معنيٰ آهي: ڪم تَر، حقير. لھٰذا ***Infiriority Complex*** جي معنيٰ ٿيندي: پاڻ کي حقير، ڪم تَر سمجھڻ بابت پوشيده خيال. اِحسَاسِ ڪمتري حقيقت ۾ هڪ ڀيٽ (*Comparison*) آهي. جڏهن ڪو شخص ٻين

1 ...جامع صغير، صفحه:81، حديث:1284۔

سان پنهنجو تقابُل (ڀيٽ) ڪري  تو تہ ان جون 2 صُورتون ٿين ٿيون: (1): هڪ تہ هي آهي تہ پاڻهو پنهنجي ڪا خوبي سامهون رکي پنهنجو تقابُل ڪري مثال طور مون وٽ پيسو آهي، سامهون وارو غريب آهي، مون وٽ گاڏي آهي، سامهون واري وٽ گاڏي نہ آهي، مون وٽ سٺا ڪپڙا آهن، سامهون واري وٽ سٺا نہ آهن وغيره. ڀيٽ جي اها صُورت اِحسَاسِ بُلندي جو سبب بڻجندي آهي (2): ٻي صُورت هي آهي تہ ڪو شخص پنهنجي ڪا ڪمي، ڪا مَحرُومي سامهون رکي پنهنجي ڀيٽ ڪري مثال طور فُلاڻو شخص امير آهي، مان غريب آهيان، فُلاڻو مون کان وڌيڪ خُوبصورت آهي وغيره. ڀيٽ جي اها صُورت اِحسَاسِ ڪمتري جو سبب بڻجي ٿي.

اِحسَاسِ بَرتَري (بلندي) هجي يا اِحسَاسِ ڪمتري هي ٻئي نقصان دِه آهن ڇوتہ اِحساسِ بَرتَري انسان کي تڪبر ڏانهن وٺي ويندي آهي ۽ احساسِ ڪمتري انسان کي مايوسي ۽ حَسَد ڏانهن وٺي ويندي آهي.

## اِحسَاسِ ڪمتري جوهڪ بنيادي سبب

اِحسَاسِ ڪمتري ڇو ٿئي ٿي؟ هن جو هڪ تمام وڏو ۽ بنيادي سبب اسان جو معاشرو (Society) آهي، اسان جا روَيا (بَرتاء)، اسان جا انداز آهن ۞ اسان وٽ ماڻهو ٻين جو مذاق اُڏائيندا آهن ۞ اُنهن تي اجائي تنقيد ڪندا آهن ۞ جنهن ويچاري جون اکيون نہ هجن، ان کي انڌو چئي ان جو مذاق اُڏائيندا آهن ۞ جنهن جون ٽنگون سلامت نہ آهن، ان کي منڊو چئي ۞ ڊگهي قد واري کي ڊگهو چئي ۞ ڪاري رنگ واري کي ڪارو چئي انهن جو مذاق اُڏايو ويندو آهي، اهو ڇوڙ سان سامهون وارو احساسِ ڪمتري جو شڪار ٿي ويندو آهي ۞ والدين پنهنجن ٻارن تي اجائي ڪاوڙ ڪندا آهن، انهن کي هر وقت دڙڪا ڏيندا رهن ٿا، انهن جون غلطيون ئي ڪيندا رهن ٿا، ايئن ڪرڻ سان ٻارن ۾

خُود اعتمادي گھٽجي ويندي آھي ۽ اھي احساسِ ڪمتري جو شِڪار ٿي ويندا آھن ۞ دوست احباب جڏھن گڏجي ڪچھري ڪندا آھن تہ ڪنھن ھڪ جي بيعزتي ڪرڻ شروع ڪندا آھن، ان تي مختلف جملا چئي ٺھڪ ڏئي لطف اندوز ٿي رھيا ھوندا آھن، انھن کي ھن ڳالھ جو اِحسَاس ئي ناھي ٿيندو تہ اسان جو دوست جيڪو بظاھر ھلڪو ھلڪو مرڪي رھيو آھي، ان جي دِل تي ڇا گذري رھي آھي؟ ھن طرح عزّتِ نفس پامال ٿيندي آھي ۽ سامھون وارو ڪڏھن احساسِ ڪمتري جو بہ شڪار ٿي ويندو آھي ۞ بيواھ عورت کي جڏھن طعنا ڏنا ويندا آھن ۞ جنھن وٽ اَولاد نہ آھي، ان کي گھٽ وڌ چيو ويندو آھي ۞ پنھنجن ٻارن کي اعليٰ کان اعليٰ شيون آڻي ڏيڻ وارا جڏھن يتيم جي مٿي تي ھٿ ناھن رکندا ۞ يتيم کي معاشري ۾ بي سھارو ڇڏيو ويندو آھي تہ اھي روَيا سامھون واري ۾ اِحسَاسِ ڪمتري پيدا ٿيڻ جو سبب بڻجندا آھن .

## 15 سال جي عمر ۾ وار سفيد ٿي ويا...!

۞ 8 رمضان المبارڪ، 1440ھجري تي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ۾ عصر جي نماز کان بعد مدني مذاڪري جو سلسلو ھو، ھڪ اسلامي ڀاءُ ڪال ڪري شيخِ طريقت، امير اھلسنت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جي خِدمت ۾ سُوال ڪيو: منھنجي عمر 15 سال آھي، منھنجي مٿي جا وار اڇا ٿي ويا آھن، مان ڪٿي ويندو آھيان تہ ماڻھو منھنجو مذاق اُڏائيندا آھن.

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! ماڻھو ڪھڙيون ڪھڙيون ننولون ڪن ٿا!! شايد اھو اسلامي ڀاءُ بہ ماڻھن جي مذاق مسخري جي ڪري اِحسَاسِ ڪمتري جو شِڪار ھو، شيخِ طريقت، امير اھلسنت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه ان کي سمجھائيندي فرمايو: الله پاڪ جي مرضِي آھي، الله پاڪ جي رِضا ۾ راضِي رھو، دِل تي نہ وٺو، دِل تي وٺندا تہ اوھان اِحساسِ مَحرُومي جو شڪار ٿي ويندؤ ۽ اڳتي ترقي ڪرڻ

مشڪل تي ويندو.

## ڪنھن جو مذاق نہ اُڏايو...!!

قربان وڃو! اسلام جي روشن تعليمات تي جو اسلام اِحسَاسِ ڪمتري پيدا ڪرڻ وارين ھنن شين کان پھريان ئي منع فرمائي ڇڏيو، اللہ پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا يَسْخَرْ قَوْمٌ مِّنْ قَوْمٍ عَسٰۤى اَنْ يَّكُوْنُوْا خَيْرًا مِّنْهُمْ

(پاره:26،سورة الحجرات:11)

ترجمو ڪنزُالعِرفان: اي ايمان وارؤ! مرد بين مَردن تي نہ کلن. تي سگھي ٿو تہ اُھي انھن کلڻ وارن کان بھتر ھجن.

اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: لیسَ المؤمنُ بالطَّعّانِ ولا اللَّعّانِ ولا الفاحِشِ ولا البَذيّ مؤمن طعنو ڏيڻ وارو ناھي ھوندو، نہ لعنت ڪرڻ وارو ھوندو آھي، نہ فُحش گفتگو ڪرڻ وارو ھوندو آھي، نہ مذاق مسخري ڪرڻ وارو ھوندو آھي.[1]

اي عاشقانِ رسول! ھي بہ ياد رھي تہ انسان کي ڪنھن انسان ناھي بڻايو، بلڪ انسان کي تمام جھانن جي خالق ۽ مالڪ، اللہ پاڪ پيدا ڪيو آھي، انسان جي پيدائش ڪيئن آھي؟ اچو ھن بابت آيت سڳوري پڙھون ٿا، سيپاري 30، سُورت وَالتّين، آيت نمبر 4 ۾ آھي:

لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ فِيْۤ اَحْسَنِ تَقْوِيْمٍ ۝

ترجمو ڪنزُالعِرفان: بيشڪ يقيناً اسان انسان کي سڀ کان سُٺي صورت ۾ پيدا ڪيو.

1...ترمذی، کتاب:البروالصلۃ، باب:ماجاءفی اللَعْنَۃ، صفحہ:481، حدیث:1977۔

تفسير صِراطُ الجنان ۾ هن آيت جي حوالي سان فرمايو ويو: الله پاڪ انجير، زيتون، طُورِ سينا ۽ شهرِ مڪ جو قسم ذڪر ڪري فرمايو تہ بيشڪ اسان انسان کي سڀ کان سٺي شڪل ۽ صورت ۾ پيدا ڪيو، هن جي عضوئن ۾ مناسبت رکي، هن کي جانورن جيان جهڪيل نہ، بلڪ سڌي بيهڪ وارو بڻايو، هن کي جانورن جيان وات سان پڪڙي نہ بلڪ پنهنجي هٿن سان پڪڙي کائڻ وارو بڻايو آهي، هن کي علم، فهم، عقل، تميز ۽ ڳالهيون ڪرڻ جي صلاحيت سان نوازيو . [1]

## الله پاڪ جي معرفت حاصل ڪرڻ جو ذريعو

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن انسان الله پاڪ جي ٻي مخلوقات کي سامهون رکندي پنهنجي تخليق ۾ غور ڪري تہ ان تي روشن ڏينهن جيان واضح ٿي ويندو تہ الله پاڪ ان کي حُسنِ صوري ۽ حُسنِ معنوي جون ڪهڙيون ڪهڙيون عظيم نعمتون عطا ڪيون آهن، ۽ هن شيءِ ۾ جيترو گهڻو غور ڪيو ويندو اوترو وڌيڪ الله پاڪ جي عظمت ۽ قدرت جي معرفت حاصل ٿيندي ويندي، ۽ ان عظيم نعمت کي تمام چڱي نموني سمجهي ويندو. [2]

## پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو مبارڪ انداز

حضرت عبد الله بِن مسعود رَضِيَ اللهُ عَنْهُ وڏي عاليشان رُتبي وارا صحابي آهن، سندن ڪُڙيون سنهيون هيون، هڪ ڀيري پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ مِسواڪ پَٽڻ جي لاءِ وڻ تي چڙهيا تہ اوچتو هوا هلڻ سبب ڪپڙو هٽي ويو ۽ سندن ڪُڙيون نظر آيون، اتي موجود ماڻهن جي نظر سندن مبارڪ ڪڙين تي پئي تہ ماڻهو کلڻ لڳا، هن تي

---

1 …تفسير صراط الجنان، پاره:30، سورة التين، زيرآيت:4، جلد:10، صفحه:755۔

2 …تفسير صراط الجنان، پاره:30، سورة التين، زيرآيت:4، جلد:10، صفحه:755۔

بيڪسن جي غمخوار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ان ذات جو قسم! جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي، عبد الله بن مسعود جون ڪڙيون ميزانِ عمل تي اُحُد جبل کان وڌيڪ وزني آهن.[1]

سلام اُس پر کہ جس نے بے کسوں کی دستگیری کی | سلام اس پر کہ جس نے بادشاہی میں فقیری کی
سلام اس پر کہ اسرارِ محبت جس نے سمجھائے | سلام اس پر کہ جس نے زخم کھا کر پھول برسائے
سلام اس پر جو دنیا کے لئے رحمت ہی رحمت ہے | سلام اس پر کہ جس کی ذات فخرِ آدمیت ہے

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## اللّٰه جا ٻانهؤ! پاڻ ۾ پيار ٻڌجي وڃو...!

هڪ ڀيري هڪ شخص بارگاهِ رسالت ۾ حاضِر ٿيو، ان کي ڪا حاجت هئي ۽ هو بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪرڻ چاهي پيو پر جڏهن هو حُضُور جانِ ڪائنات، فَخرِ موجودات صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي سامهون حاضِر ٿيو تہ ان تي جلالتِ نبوت جو رُعب طاري ٿي ويو ۽ هو ڏڪڻ لڳو، ان جي اها حالت ڏسي غم خوار نبي، مڪي مدني، مُحَمَّد عربي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: پُرسڪون ٿي وڃ...! مان (دُنياوي بادشاهن جهڙو) ظالِم بادشاه نہ آهيان، مان قريش جي اُن عورت جو پٽ آهيان جيڪا مڪي پاڪ ۾ رهندي هئي ۽ سُڪل گوشت کائيندي هئي.[2]

اللہ اَکبَر! اي عاشقانِ رسول! اندازو ڪيو! زبانِ نبوت مان اها مني ۽ پياري گفتگو ٻڌي ان شخص جي دِل ڪيتري مطمئن ٿي وئي هوندي، ان جي دِل ۾ عشقِ رسول جا ڪيترا ڏيئا روشن ٿيا هوندا. سُبحٰنَ اللہ! اعليٰ حضرت

[1]...مسند امام احمد، جلد:2، صفحه:591، حديث:4072۔

[2]...المواهب اللدنيه، جلد:2، صفحه:101۔

رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ جا ڀاءُ مولانا حَسَن رضا خان رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ خُوب لکيو آهي:

اُن کے جلووں میں ہیں یہ دلچسپیاں | جو وہاں پہنچا وہیں کا ہو گیا (1)

**وضاحت**: هي تہ حُضُور جانِ ڪائنات، فخر موجودات صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ جلوئن ۾، سندن مبارڪ ادائن ۾، سندن دِل کي وڻندڙ گفتگو ۾ اهڙي دلچسپي آهي تہ جيڪو هڪ ڀيري حاضِر ٿي ويندو آهي، بَس اهو ڪين جو ئي ٿي ويندو آهي.

دل میں گھر کرتا ہے اعدا کے ترا شیریں سُخَن | ہے میرے شیریں سخن شُہرہ تری گفتار کا(2)

**حديثِ پاڪ جو باقي حِصو**: **اي عاشقانِ رسول!** اهو شخص جنهن تي جلالِ نبوت جو رُعب طاري هو، جڏهن ان پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي سڪون ڀري گفتگو ٻڌي تہ ان تي جيڪا ڏڪڻي هئي اها ختم ٿي وئي، هاڻي ان بارگاهِ رسالت ۾ پنهنجي حاجت عرض ڪئي. ان کان بعد سرڪارِ عالي وقار، مکي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ٻيئنا ۽ فرمايائون: اي انسانو! بيشڪ مون ڏانهن وحي ڪئي وئي آهي تہ توهان کي عاجزي اپنائڻ جو حڪم ڏيان. پوءِ عاجزي اِختيار ڪيو! توهان مان ڪو بہ ٻي سان زيادتي نہ ڪري، ڪو ڪنهن تي فخر نہ ڪري. اي اللّٰہ پاڪ جا ٻانهؤ! پاڻ ۾ ڀائر ٻڻجي وڃو.(3)

**اي عاشقانِ رسول!** اسان تي لازِم آهي تہ اسان اسلام جي هن روشن تعليمات تي عمل ڪيون، اللّٰہ پاڪ ۽ ان جي پياري رسول، رسولِ مقبول صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا فرمانبردار ٻڻجون ۽ جيترو ٿي سگهي ٻين کي اِحسَاسِ ڪمتري

1...ذوقِ نعت، صفحہ:35.
2...سامانِ بخشش، صفحہ:56.
3...المواهب اللدنيہ، جلد:2، صفحہ:101.

ڪان بچائڻ جي ڪوشش ڪيون. اللّٰه پاڪ اسان ڪي عمل جي توفيق عطا فرمائي. آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

## اِحسَاسِ ڪمتري جون ٻہ قسمون

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ڪي ٻين ڪي تہ اِحساسِ ڪمتري ڪان بچائڻو ئي بچائڻو آهي، ان سان گڏوگڏ جيڪي اِحسَاسِ ڪمتري جو شِڪار ٿي ويندا آهن، انهن کي بہ گهرجي تہ الله پاڪ جي رِضا تي راضِي رهن ۽ اِحسَاسِ ڪمتري جو شِڪار نہ ٿين. هڪ پيري شيخ طريقت، امير اهلسنت باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني مذاڪري ۾ اِحسَاسِ ڪمتري بابت مدني گل ڏيندي فرمايائون: **اِحسَاسِ ڪمتري شرعِي اصطلاح نہ آهي**، ڪجھ صُورتن ۾ احساسِ ڪمتري انسان کي ٽوڙي ڇڏيندي آهي ۽ ڪجھ صُورتن ۾ اِحسَاسِ ڪمتري گهٽي ضروري هوندي آهي، مثال طور عَمَل جي اعتبار سان اِحسَاسِ ڪمتري ضروري آهي، (يعني ماڻهو هي سمجهي ته) مون وٽ نيڪيون بلڪل نہ آهن، ايئن هو نيڪين جو حِرص وڌائيندو رهي، نيڪين جي معاملي ۾ ڪا اهڙي منزل نہ آهي جو ماڻهو مطمئن ٿي وڃي تہ هاڻي مون ڪوڙ نيڪيون ڪري ورتيون آهن، هاڻي مون کي وڌيڪ نيڪين جي حاجت نہ آهي، لهٰذا عملن جي اعتبار سان ضروري آهي تہ ماڻهو پاڻ کي ڪم تَر تَصوُّر ڪري ۽ ڪڏهن بہ پاڻ کي نيڪ نہ سمجهي، هڪ گهڙي جي ڪروڙين حصي جي لاءِ بہ پنهنجي ذهن ۾ اها ڳالهہ نہ آڻي تہ مان گهڻو نيڪ آهيان ۽ مقبولِ خدا آهيان ڇوتہ ڪنهن کي خبر ئي نہ آهي تہ الله پاڪ جي خفيہ تدبير ان جي باري ۾ ڇا آهي؟ انسان اللّٰه پاڪ کان هميشہ ڊڄندو رهي ۽ پنهنجو پاڻ کي گناهگار تصور ڪندو رهي.

**هاڻي رهيو دُنياوي معاملي ۾ احساسِ ڪمتري:** جيئن ڪو مالدار ڪي ڏسي پريشان ٿيندو رهي ۽ احساسِ ڪمتري جو شِڪار ٿيندو رهي ته ۞ ان وٽ بنگلو آهي ۽ مون وٽ فليٽ (Flat) آهي ۞ ان وٽ مالڪانہ حقوق جو فليٽ آهي ۽ مان ڪرائي تي رهان ٿو ۞ ان وٽ ڪار آهي ۽ مون وٽ موٽر سائيڪل آهي ۞ ان وٽ موٽر سائيڪل آهي ۽ مون وٽ سائيڪل آهي ۞ ان وٽ سائيڪل آهي ۽ مان پيدل سَفَر ڪيان ٿو ۞ هو صحت مند آهي، مان ڪمزور آهيان ۞ هو تندرست آهي ۽ مان بيمار آهيان، ائين ئي پاڻ کان مٿي وارن کي ڏسي جيڪڏهن ڪو اِحسَاسِ ڪمتري جو شِڪار ٿيندو رهي تہ ان ۾ فائدو نہ آهي، نقصان ئي آهي بلڪ هن طرح سڙڻ حسد ۾ مبتلا ڪري سگهي ٿو.

ايئن اِحسَاسِ ڪمتري جون بہ قسمون آهن: (1): دِيني معاملي ۾ عَمَل (يعني نيڪين) جي لحاظ کان اِحسَاسِ ڪمتري: اها لازِم آهي، اها هئڻ گهرجي ۽ (2):دنياوي اعتبار سان اِحسَاسِ ڪمتري: هي ڪا سٺي شيء نہ آهي.

## حضرت عيسيٰ عَلَيهِ السَّلَام جي دُنيا ڪان بي رغبتي

شيخ طريقت امير اهلسنت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه وڏيڪ فرمايو: حضرت عيسيٰ رُوحِ الله عَلَيهِ السَّلَام وٽ هڪ پيالو هو، پاڻ اهو پيالو بہ ڇڏي ڏنائون (يعني پاڻ وٽ نه رکيائون) تہ هي بہ دُنيا جو مال آهي، مون کي هي نہ گهرجي، مان هٿ سان پاڻي پيندس.[1]

يعني بين جو مال ڏسي پاڻ مالدار بڻجڻ جا خواب ڏسڻ جي بدران جيڪو ٿورو مال (يعني پيالو) هو، اُهو بہ پاڻ وٽ نہ رکيائون. اهڙي طرح بين ڪافي بزرگ سڳورن جا واقعا آهن تہ اهي پاڻ وٽ ڪجهہ بہ نہ رکندا هئا، جيڪو ايندو هو ورهائي ڇڏيندا هئا. پاڻ منهنجا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي لاءِ بي وقت جي لاءِ بچائي نہ رکندا هئا. اهڙي طرح ڪيئي اَولياءِ ڪرام جا

1...قُوت القلوب مترجم، جلد:1، صفحہ:22۔

واقعا آهن تہ هڪ وقت جو ڪائي ورتو، هاڻي جيڪو بچيو اهو صدقو خيرات ڪري ڇڏيائون، بي وقت جي ماني ملڻ جو ڪو ظاهري سبب نہ هوندو هو، اهي الله پاڪ جا نيڪ ٻانها تَوَڪل ڪندا هئا، الله پاڪ تي ڀروسو ڪندا هئا، جيڪڏهن انسان ڪي نقل ڪرڻي آهي تہ اهڙن ماڻهن جي نقل ڪري. ڪاش! انهن نيڪ ماڻهن جي قدمن جي مٽي اسان کي ملي وڃي، اسان جو بہ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ ڪو مقام مرتبو ٿي وڃي.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اِحسَاسِ ڪمتري کان بچڻ جا 3 طريقا

**اي عاشقانِ رسول!** عِلمِ نفسيات جي ماهرن مُطَابق اِحسَاسِ ڪمتري پاڻ ڪا شيءِ ناهي، هي محض هڪ اِحسَاس آهي. جيڪو شخص اِحسَاسِ ڪمتري جو شِڪار ٿيندو آهي، اهو اَصل ۾ 3 يا انهن 3 مان ڪنهن هڪ نفسياتي مَرض جو شِڪار ٿيندو آهي، اُن ڪري هو اِحسَاسِ ڪمتري ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي. اهي 3 نفسياتي بيماريون هي آهن: (1):ناشُڪري (2): *Aimlessness* (يعني زِندگي جو ڪو واضِح مقصد نہ هئڻ) (3): خُوش فهمي.

## 1۔شڪرگذار بڻجي وڃو...!

جيڪي ماڻهو اِحسَاسِ مَحرُومي جا شِڪار ٿي ويندا آهن، اهي ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين پنهنجو پاڻ کان بدگمان هوندا آهن، انهن کي لڳندو آهي تہ مون کي تہ ڪجھ نہ مِليو آهي، منهنجي قسمت ۾ تہ رڳو مَحرُوميون ئي مَحرُوميون آهن، جڏهن تہ ايئن ناهي هوندو، الله پاڪ هر هڪ کي نعمتن سان نوازيو آهي، دُنيا ۾ ڪو هڪ انسان بہ اهڙو نہ آهي جنهن کي بيشُمار نعمتون نہ مليون هجن، فرض ڪيو جيڪڏهن ڪو انڌو هجي، منڊو هجي، گونگو هجي، غريب

هجي، فقير هجي، انهن مَحرُومين جي باوُجُود بہ ان وٽ ڪروڙين ماليت جون نعمتون هر وقت موجود هونديون آهن، الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَاِنۡ تَعُدُّوۡا نِعۡمَةَ اللّٰهِ لَا تُحۡصُوۡهَا ؕ<br>(پاره:14،سورة النحل:18) | ترجمو ڪنز العرفان: ۽ جيڪڏهن توهان الله جون نعمتون ڳڻيو تہ انهن جو شمار ڪري نہ سگهندؤ |

هن آيت سڳوري تي ٿورو ٺڏي دِل سان غور فرمايو! هي واقعي حقيقت آهي، الله پاڪ اسان سڀني کي ايتريون نعمتون عطا ڪيون آهن جو اسان چاهيندي بہ ان جي ڳڻپ ڪري ئي نٿا سگهون، هٿ الله پاڪ جي نعمت، ڪن الله پاڪ جي نعمت، پير الله پاڪ جي نعمت، مٿو الله پاڪ جي نعمت، دِماغ الله پاڪ جي نعمت، جسم جو اندروني نظام: دِل، جگر، ڦڦڙ، مِعدو، آنڊا، هي سڀ الله پاڪ جون نعمتون ئي تہ آهن، انهن سڀني نعمتن جي ڳڻپ ڪرڻ تہ رهيو پري، اسان کي ڪڏهن ڪڏهن انهن نعمتن جا نالا بہ معلوم ناهن هوندا، جي ها! اسان جي جسم جي اندروني نِظام ۾ ڪيترا عضوا اهڙا آهن جن کي اسان استعمال تہ ڪري رهيا آهيون پر اسان کي انهن جا نالا تائين بہ معلوم نہ آهن، اهي سڀ الله پاڪ جون نعمتون ئي تہ آهن.

## هڪ امير شخص جي سڀ کان وڏي خواهش

هڪ وڏو امير شخص هو، ان جي اکين جا پنبڻ (يعني اها کل جيڪا اکين کي ڍڪي ٿي) ڪم ڪرڻ ڇڏي ويا، هي پاڻمرادو (*Automatic*) نظام جيڪو الله پاڪ اسان کي عطا ڪيو آهي، ٿورو ڪو ڪڪ اڏامي اک جي طرف وڌندو آهي تہ اک ازخود بند ٿي ويندي آهي.

ان امير شخص کي هي مسئلو ٿيو تہ ان جي اکين جي پنبڻن جي رڳن

ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو ۽ سندن اکين جو هي پاٽمرادو نِظام خراب ٿي ويو يعني هو پنهنجي مرضي سان اکيون بند نہ ڪري سگهندو هو، دُنيا جو امير ترين شخص هو، لڪين ڪروڙين روپيا عِلاج تي خرچ ڪيائين پر شِفا نہ ملي. هڪ ڀيري ڪنهن ان امير شخص کان پڇيو: جناب! اوهان جي زندگي جي سڀ کان وڏي خواهش ڪهڙي آهي؟ ان ٿڌو ساهہ کڻي چيو: **ڪاش! مان پنهنجون اکيون پنهنجي مرضي سان کولي سگهان.**

غور فرمايو! هي الله پاڪ جي ڪيتري وڏي نعمت آهي جيڪا اسان کي مفت ۾ مليل آهي. اسان وٽ اَلميو هي آهي تہ اسان نادان **ماڻهو پنهنجي مَحرُومين کي تَوَجُّھ ۾ رکون ٿا پر الله پاڪ جي ڏنل نعمتن کي تَوَجُّھ ۾ نٿا رکون.**

## حضرت رابعہ بصريہ رَحمَۃُاللہِ عَلَیۡہَا جي حڪمت ڀري گفتگو

حضرت رابعہ بصريہ رَحمَۃُ اللہِ عَلَیۡہَا مشهور وَلِياڻي هئي، وڏي نيڪ، عِبَادت گذار هئي، حضرت محمد بن عَمرو رَحمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: حضرت رابعہ بصريہ رَحمَۃُ اللہِ عَلَیۡہَا جي گهر مبارڪ جو سڄو سازو سامان 6 شيون هيون: (1): هڪ فراسي (2): هڪ مَٽُ (3): هڪ پيالو ۽ (4): هڪ ٿلهو اُوني ڪپڙو هو، ان تي پاڻ نماز پڙهنديون هيون ۽ ان تي آرام ڪنديون هيون، (5- 6): تقريباً 2 گز ڊگهي بانس واري هڪ کِلي هئي، جنهن تي ڪفن لٽڪيل رهندو هو.

هڪ ڀيري حضرت سفيان ثوري رَحمَۃُ اللہِ عَلَیۡہَا حضرت رابعہ بصريہ رَحمَۃُ اللہِ عَلَیۡہَا جي غُربت ۽ تنگ حالي کي ڏسي عرض ڪيو: اي اُمِّ عَمرو! مان اوهان جي رحم جوڳي حالت ڏسي رهيو آهيان، جيڪڏهن اوهان پنهنجي فلاڻي پاڙيسري وٽ وڃو تہ هو اوهان کي اهڙي حال تي نہ رهڻ ڏيندو (يعني هو اوهان جي مالي خدمت ڪي پاڻ لاءِ شرف سمجهندو). ان تي حضرت رابعہ بصريہ رَحمَۃُ اللہِ عَلَیۡہَا فرمايو:

سفيان! توهان منهنجي حال ۾ ڪهڙي ڪمي ڏٺي! ڇا مان مسلمان نہ آهيان...؟ اسلام اها عزت آهي جنهن سان ذِلّت نہ آهي، اسلام اها مالداري آهي جنهن سان محتاجي نہ آهي، اسلام اها محبت آهي، جنهن سان وحشت نہ آهي. الله جو قسم! مان دُنيا جي حقيقي مالڪ (يعني الله پاڪ) ڪان بہ دُنيا گهرندي حياء ڪندي آهيان تہ جيڪو دُنيا جو مالِڪ ئي نہ آهي (مثال طور مالدار ماڻهو، ان) ڪان دُنيا ڪيئن گهران؟ اهڙي حڪمت ڀري گفتگو ٻُڌي حضرت سفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه واپَس هليا ويا، سندن زبان تي هي لفظ هئا: مون اهڙي گفتگو ڪڏهن نہ ٻڌي هئي.[1]

| | |
|---|---|
| دولتِ دنيا کے پيچھے تُو نہ جا | آخِرت ميں مال کا ہے کام کيا؟ |
| مالِ دنيا دو جہاں ميں ہے وبال | کام آئے گا نہ پيشِ ذوالجلال[2] |

**اي عاشقانِ رسول!** حضرت رابعہ بصريہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا جي هن مبارڪ انداز تي غور فرمايو! هڪ تہ هي جو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا قناعت اِختيار ڪئي، ماڻهن اڳيان هٿ ڦهلائڻ پسند نہ ڪيائون، ٻيو هن ڳالھ تي غور فرمايو تہ حضرت رابعہ بصريہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا جي سامهون جڏهن سندن غُربت جو تذڪرو ڪيو ويو تہ پاڻ يڪدم فرمايائون: اي سفيان! توهان منهنجي حال ۾ ڪهڙي ڪمي ڏٺي؟ ڇا مان مسلمان نہ آهيان...؟ اسلام اها عزت آهي جنهن سان ذِلّت نہ آهي، اسلام اها مالداري آهي جنهن سان محتاجي نه آهي.

الله پاڪ اسان کي بہ حضرت رابعہ بصريہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا جي صدقي هر وقت نعمتن جو شُڪر ادا ڪرڻ جي توفيق عنايت فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

---

[1]...وفيات الاعيان، جلد:1، صفحه:328.

[2]...وسائل بخشش، صفحه:709-710.

## نعمتن ڪي تَوَجُّھ ۾ رکو...!

اڄ دُنيا ۾ غريب تہ ڪوڙ آهن، نادار، ڪنگال بہ گهڻا آهن پر اهڙو غريب شايد ڳولهڻ سان بہ نہ ملي سگهندو جيڪو هيئن چوندو هجي تہ مون وٽ ايمان جي دولت آهي، مان تمام وڏو اَمير آهيان جڏهن تہ ايمان سڀ کان وڏي دولت آهي، جيڪڏهن مال ۽ دولت جي اهميت ايمان کان وڌيڪ هجي ها تہ قارُون تباهہ ۽ برباد نہ ٿئي ها، جيڪڏهن طاقت، قُوَّت ۽ بادشاهت جي اهميت ايمان کان وڌيڪ هجي ها تہ فرعون غرق نہ ٿئي ها، ايمان سڀ کان وڏي دولت آهي، اها ناياب دولت حاصِل ٿيل هوندي آهي، ان جي باوُجُود ماڻهو پنهنجي ظاهري غُربت کي ڏسي اِحسَاسِ ڪمتري جو شِڪار ٿي ويندا آهن.

ڪاش! اسان بہ اللّٰہ پاڪ جي ڏنل نعمتن کي تَوَجُّھ ۾ رکڻ وارا بڻجي وڃون. يقين ڪيو! جيترو اسان پنهنجي محرومين بابت سوچيون ٿا، ايترو ئي جيڪڏهن اللّٰہ پاڪ جي ڏنل نعمتن بابت سوچڻ شروع ڪيون تہ مَحرُومين جو اِحسَاس ئي ختم ٿي وڃي. ان ڪري جيڪڏهن اطمينان واري، سڪون واري، خوشين ڀري زندگي گذارڻ چاهيو ٿا تہ اللّٰہ پاڪ جي ڏنل نعمتن کي تَوَجُّھ ۾ رکڻ جي عادت بڻايو. **مون کي ڇا نہ مليو** اهو سوچڻ جي بدران اهو سوچيو تہ **مون کي ڇا ڇا مليو آهي** اِنْ شَآءَ اللّٰہ الْكَرِيْم! غم دُور ٿي ويندا.

## شڪر ڪرڻ جو فائدو

سيپاري 13سورت ابراهيم جي آيت نمبر 7 ۾ ارشاد آهي:

| | |
|---|---|
| وَ اِذْ تَاَذَّنَ رَبُّكُمْ لَىٕنْ شَكَرْتُمْ لَاَزِیْدَنَّكُمْ وَ لَىٕنْ كَفَرْتُمْ اِنَّ عَذَابِیْ | ترجَمو ڪنزُالعرفان: ۽ ياد ڪريو جڏهن توهان جي ربّ اعلان ڪيو تہ جيڪڏهن توهان منهنجو شڪر ادا ڪندؤ تہ مان توهان کي اڃان |

لَشَدِيۡدٌ﴿۷﴾ (پاره13،سورةابراهيم:7)

وڌيڪ ڏيندس ۽ جيڪڏهن توهان ناشڪري ڪندؤ تہ منهنجو عذاب سخت آهي.

تفسير صِراطُ الجنان ۾ هن آيت جي حوالي سان فرمايو ويو: خبر پئي تہ شڪر سان نعمت گهٽجي ٿيندي آهي، شڪر جي حقيقت هي آهي تہ نعمت ڏيڻ واري جي نعمت جو ان جي تعظيم سان اعتراف ڪري ۽ نفس کي هن شيء جو عادي بڻائي. هتي هڪ باريڪ نڪتو هي آهي تہ انسان جڏهن الله پاڪ جي نعمتن ۽ ان جي طرح طرح فضل وڪرم ۽ احسان جو مطالعو ڪندو آهي تہ ان جي شڪر ۾ مشغول ٿيندو آهي، هن سان نعمتون گهٽيون ٿينديون آهن، ۽ انسان جي دل ۾ الله پاڪ جي محبت وڌندي ويندي آهي، هي مقام تمام مٿانهون آهي ۽ هن کان اعليٰ مقام هي آهي تہ نعمت ڏيڻ واري جي محبت ايستائين غالب ٿي وڃي جو دل جو نعمتن جي طرف رجحان باقي نہ رهي، هي مقام صِدّيقن جو آهي.[1]

## شڪر جي فضيلت ۽ ناشڪري جي مذمت

آيت جي مناسبت سان شڪر ۽ ناشڪري بابت حديثِ پاڪ ٻُڌو: حضرت عبد الله بن مسعود رَضِیَ اللہُ عَنْه کان روايت آهي، رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايائون: جنهن کي شڪر ڪرڻ جي توفيق ملي هو نعمت جي زيادتي کان محروم نہ ٿيندو، ڇوتہ الله پاڪ ارشاد فرمايو آهي: لَئِنۡ شَكَرۡتُمۡ لَاَزِيۡدَنَّكُمۡ يعني جيڪڏهن توهان منهنجو شڪر ادا ڪندؤ تہ مان توهان کي اجا وڌيڪ عطا ڪندس. جنهن کي توبہ ڪرڻ جي توفيق عطا ٿي اهو توبہ جي قبوليت کان

[1]…تفسير صراط الجنان، پاره:13، سورة ابراهيم، زيرآيت:7، جلد:5، صفحہ:153۔

محروم نہ ٿيندو ڇوتہ اللّٰہ پاڪ ارشاد فرمايو آھي: وَهُوَ الَّذِىۡ يَقۡبَلُ التَّوۡبَةَ عَنۡ عِبَادِهٖ ۽ اھو ئي آھي جيڪو پنھنجي ٻانھن ڪان توبہ قبول فرمائي ٿو.[1]

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ”اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه“ چوڻ جي عادَت بڻايو...!

پيارا اسلامي ڀائرو! اِحسَاسِ ڪمتري ڪان بچڻ جو تمام سولو حل آھي تہ اسان اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! چوڻ جي عادت بڻايون. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! چوڻ اللّٰہ پاڪ جو شُڪر آھي ۽ اُن کي سڀ ڪان اَفضَل شڪر قرار ڏنو ويو آھي. ڪا بہ ٻلائي مِلي، ان جي دُعا آھي: اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه!. جيڪڏھن اسان صبح ڪان شام تائين صِرف اھو غور ڪيون تہ پنھنجي زِندگي ۾ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! چوڻ جا ڪيترا موقعا آھن، شايد اسان انھن کي بہ شُمار نہ ڪري سگھون ◈ صبح اک کلي، اھا بہ نعمت آھي، اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! چئو ◈ بستر ڪان اٿڻ جي لائق ٿيؤ، اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! چئو ◈ پير سلامت آھن، جوتا پائڻ لائق آھن، اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! چئو ◈ ٻيھڻ جي لائق آھيون، اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! چئو ◈ گوڏا ڇُري رھيا آھن يعني ھلڻ لائق آھن، اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! چئو ◈ڪم جي لاءِ نڪتؤ، اللّٰہ پاڪ توفيق بخشي آھي تہ نڪتا آھيون، لِهٰذا اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! چئو ◈ شام جو گھر پھچي وياسين، اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! چئو ◈ ٻارن کي ڏٺو، اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! چئو ◈ پاڻي پيتو تہ اَلۡحَمۡدُلِلّٰه! ◈ ماني کاڌي تہ اَلۡحَمۡدُلِلّٰه! ◈ چانھ پيتي تہ اَلۡحَمۡدُلِلّٰه!.

ايئن اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! چوڻ جي عادَت اپنايو. جيڪڏھن اسان صِرف اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! چوڻ جا موقعا سوچندا وجون ۽ انھن موقعن تي اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! چوڻ جي عادت بہ اپنائي ونون تہ اِنۡ شَآءَ اللّٰه الۡكَرِيۡم! پنھنجي مَحرُومي بابت سوچڻ جو وقت ئي نہ ملي

[1]...درمنثور، پاره:13، سورة ابراہيم ، زير آيت:7، جلد:5، صفحه:9۔

سگھندو.

## ”الحمدللّٰه“ چوڻ جو هڪ زبردست فائدو

الله پاڪ جي فضل سان اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! اهو پيارو جملو آهي، جيڪو زبان تي بعد ۾ ايندو آهي، ان ڪان پهريان چپن تي مُرڪ اچي ويندي آهي. جي ها! اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه چوڻ جي تقاضا آهي تہ ماڻهو مرڪي چوي. اوهان ڪڏهن نہ ڏٺو هوندو تہ ڪنهن روئيندي اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! چيو هجي، شايد ڪڏهن ايئن ٿيو هجي جو ماڻهو جي چهري جو رنگ بدليل هجي ۽ هو زبان سان اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! چئي رهيو هجي. عُموماً ماڻهو جڏهن بہ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! چوندا آهن تہ مرڪندي چوندا آهن، جيڪڏهن اسان اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! چوڻ جي عادت بنائي وٺون! اِنۡ شَآءَ الله الۡكَرِيۡم! نيڪيون بہ ملنديون، چهري تي مُرڪ بہ رهندي ۽ الله پاڪ چاهيو تہ اِحسَاسِ ڪمتري کان بہ نجات ملي ويندي.

## ”الحمدللّٰه“ چوڻ جون فضيلتون

❖ هڪ ڀيري الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ صحابي سڳورن عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان کي فرمايائون: ڍالُون (يعني دُشمن جي وار کان بچڻ جي لاءِ استعمال ٿيندڙ هٿيار) کڻي وٺو! صحابي سڳورن عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! ڇا دُشمن حملو ڪري ورتو آهي؟ فرمايائون: نہ (دُشمن حملو ناهي ڪيو) بلڪ جهنم جي مقابلي ۾ پنهنجون ڍالون کڻو ۽ سُبۡحٰنَ اللهِ وَالۡحَمۡدُلِلّٰهِ وَاللهُ اَكۡبَرُ پڙهو چوتہ هي جملا قيامت جي ڏينهن اڳيان ۽ پويان کان توهان جي حفاظت ڪندا.[1] ❖ اسان جي پياري نبي، مڪي مدني، مُحَمَّد عربي صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ صحابي سڳورن عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان کي فرمايو: ڇا توهان مان ڪو روزانو اُحد جبل جي برابر عمل جي طاقت رکي ٿو؟ عرض ڪيو ويو: يارسولَ الله صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! روزانو

---

[1]...مستدرک علی الصحيحين، کتاب:الدعاوالتکبير، جلد:2، صفحہ:235، حديث:2029۔

اُحد جبل جي برابر عمل جي طاقت ڪير رکي سگھي ٿو؟ فرمايائون: توهان سڀئي ان جي طاقت رکو ٿا. عرض ڪيو ويو: اهو ڪيئن؟ فرمايائون: اَلحَمدُ لِلّٰه چوڻ اُحد جبل کان وڌيڪ عظمت وارو آهي.[(1)] ❖ حضرت ابو مالک اشعري رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان روايت آهي رسولِ اڪرم، نُورِ مجسم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اَلحَمدُ لِلّٰه چوڻ ميزان کي پري ڇڏيندو آهي.[(2)] يعني اَلحَمدُ لِلّٰه چوڻ سان ايترو ثواب ملي ٿو جو قيامت جي ڏينهن جڏهن هي ثواب ميزانِ عَمَل تي رکيو ويندو ته ميزان پرجي ويندو.[(3)]

الله پاڪ اسان کي ڪثرت سان شُڪر ڪرڻ ۽ اَلحَمدُ لِلّٰه چوندي زبان کي ذِڪرِ اِلٰهي سان تَر رکڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ.

## 2-پنهنجي صلاحيتن کي سڃاڻو...!

پيارا اسلامي ڀائرو! اِحسَاسِ ڪمتري جو شِڪار ٿيڻ جو هڪ وڏو ۽ اهم سبب **پنهنجي سڃاڻپ نه هئڻ** به آهي. عام طور اِحسَاسِ ڪمتري جو شِڪار اهي ئي ماڻهو ٿيندا آهن جيڪي پنهنجي صلاحيتن کي سڃاڻن نٿا، انهن وٽ زِندگي جو ڪو واضِح مقصد ناهي هوندو. ان جو واضِح حَل اهو ئي آهي ته ماڻهو پنهنجي صلاحيتن کي سڃاڻي ۽ زِندگي جو ڪو واضِح مقصد ٺاهي.

جڏهن ماڻهو پنهنجي صلاحيتن کي سمجھي وٺندو آهي، پوءِ اُن صلاحيتن جي مُطابق پنهنجي زِندگي جو هڪ واضِح مقصد مقرر ڪندو آهي، تڏهن اهو پنهنجي راهه تي هلندو آهي، پوءِ هو بين ڏانهن ناهي ڏسندو، بلڪ پنهنجي

[1]…معجم ڪبير، جلد:7، صفحه:279-280، حديث:14812۔

[2]…مسلم، ڪتاب:الطہارة، باب، فضل الوضو، صفحه:106، حديث:223ملتقطاً۔

[3]…فيض القدير، جلد:4،صفحه:384۔

صلاحيتن جي بهتري تي تَوَجُّھ ڏيندو آهي. هن کي هڪ مِثال مان سمجهو: هڪ شخص جنهن جو گهر مثال طَور تي ڪراچي ۾ آهي ۽ هو ڪم لاهور ۾ ڪري ٿو، جڏهن ان کي ڪم کان موڪل ملندي آهي ته هو ڪراچي جي گاڏي تي ويهندو آهي ۽ پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿي ويندو آهي. ڇا اوهان ڪڏهن ڪو اهڙو شخص ڏٺو آهي جنهن جو گهر ته ڪراچي ۾ هجي پر هو اسلام آباد ڏانهن وڃڻ وارن کي ڏسي اِحسَاسِ ڪمتري جو شِڪار ٿي ويو هجي ته فُلاڻي جي ڇا ڳالھ آهي هو اسلام آباد وڃي رهيو آهي ۽ مان لاچار ڪراچي جي گاڏي ۾ وينل آهيان؟ ايئن ناهي ٿيندو، اهڙين ڳالهين ۾ ماڻهو اِحسَاسِ ڪمتري جو شِڪار ناهن ٿيندا. ڇو ناهن ٿيندا؟ ان ڪري جو انهن کي خبر آهي: منهنجو گهر ڪراچي ۾ آهي، مون کي ڪراچي ئي وڃڻو آهي، تنهنڪري هو ڪنهن ٻي شهر جي گاڏي ۾ وينل مُسَافِر کي ڏسي اِحسَاسِ ڪمتري جو شِڪار ناهي ٿيندو. ان ڪري جڏهن اسان پنهنجي صلاحيتن کي سڃاڻينداسين، پنهنجي لاءِ هڪ راھ مقرر ڪنداسين ته اِنْ شَآءَ الله الْكَرِيْم! اسان پنهنجي راھ ڏانهن ئي هلندا ويندَاسين، ڪنهن ٻي راھ تي هلڻ واري کي ڏسي اِحسَاسِ ڪمتري جو شِڪار نه ٿينداسين.

## لفظِ رَبّ جي معنيٰ ۽ مفهوم

ياد رکو! هن دُنيا ۾ هر انسان جي پنهنجي الڳ اهميت آهي، الله پاڪ هر هڪ کي جُدا جُدا صلاحيتون عطا ڪيون آهن، ان ڪري هر شخص پنهنجي صلاحيتن جي مطابق ئي ڪاميابي ۽ ترقي حاصِل ڪري ٿو. ڏسو! الله پاڪ اسان جو رَبّ بلڪ رَبُّ العَالمين آهي، ڇا اوهان کي خبر آهي: **رَبّ** جي معنيٰ ۽ مفهوم ڇا آهي؟ هي وڏو حڪمت ڀريو نڪتو آهي، جيڪڏهن اسان لفظِ **رَبّ** جي معنيٰ سمجهي وٺون ته اِحسَاسِ ڪمتري وارو مسئلو ئي ختم ٿي ويندو.

عَلّامہ محمود آلوسي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: لفظ **رَبّ** جي معنيٰ آهي: تَربِيت ڪرڻ وارو ۽ تربيت جي معنيٰ آهي: تَبلِيغُ الشَّيءِ اِلٰي كَمَالِهِ بِحَسْبِ اِسْتِعْدَادِهِ الْاَزَلِيّ شَيْئاً فَشَيْئًا يعني ڪنهن شيء کي اُن جي فطري صلاحيتن جي مطابق آهستہ آهستہ ڪمال واري مرتبي تائين پهچائڻ.[1] هاڻي لفظِ **رَبّ** جي معنيٰ هي ٿيندي: هر شيء کي ان جي فطري صلاحيتن جي مطابق ڪمال واري درجي تائين پهچائڻ وارو.

معلوم ٿيو الله پاڪ هر شيء کي فطري طَور تي جُدا جُدا صلاحيتون عطا ڪيون آهن ۽ هر شيء کي ان جي صلاحيتن جي مطابق ئي ڪمال تائين پهچائي ٿو. مثال طور انب جي وڻ تي هميشہ انب ئي ٿيندا آهن، انب جي وڻ تي زيتون نہ ٿيندو، صوف جي وڻ تي صوف ئي ٿيندا آهن، ان تي انب ناهن ٿيندا، لهٰذا انب جي ڪکڙي مان انب جو نڪرڻ، وري ان تي انب جو ميوو ٿيڻ، هي رَبُوبِيت آهي. ها! جيڪڏهن انب جي وڻ تي انب جي بدران صوف ٿين تہ هي الله پاڪ جي قُدرت آهي. بهرحال! هن دُنيا ۾ هر هڪ پنهنجي فطري صلاحيتن جي مُطَابق ئي اڳتي وڌي ٿو ۽ ڪمال تائين پهچي ٿو.

## سيني کي قابليت جي مطابق اسباب ملن ٿا

اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: كُلّ مُيَسَّر لِمَا خُلِقَ لَهٗ يعني هر هڪ کي اها شيء مُيسَّر آهي، جنهن جي لاءِ ان کي پيدا ڪيو ويو.[2]

يعني جنهن کي جيڪا طبيعت عطا ڪئي وئي، جنهن کي فطري طَور تي جيڪا قابليت ڏني وئي آهي، اُن کي ان جي قابليت جي مطابق اَسباب پڻ مهيا

1...تفسيرروح المعانی، پاره:1، سورةالفاتحه، زيرِ آيت:1، جزء:1، جلد:1، صفحہ:104۔

2...ابوداؤد، كتاب:السنۃ، باب:فی القدر، صفحہ:741، حديث4709۔

ڪيا ويندا آهن.[1]

معلوم ٿيو: هن دُنيا ۾ هر هڪ جي قابليت ۽ فطري صلاحيتون جُدا آهن، تنهنڪري هر هڪ کي اَسبَاب بہ جُدا جُدا ملن ٿا. هاڻي اسان ٻين کي ڏسي اِحسَاسِ ڪمتري جو شِڪار ٿيندا رهون تہ فُلاڻي کي اها نعمت ملي، مون کي نہ ملي. تہ ياءَ غور فرمايو! ان جي فطرت ئي ٻي آهي، تنهنڪري ان کي نعمتون بہ جُدا مليون، اوهان جي فطرت ڪجھ ٻي آهي، اوهان کي اوهان جي مطابق نعمتون مليون آهن يا ٻين لفظن ۾ ڪٽي ايئن چئجي! جنهن جو گھر ڪراچي ۾ آهي هو ڪراچي جي گاڏي ۾ وينو آهي، جنهن جو گھر لاهور ۾ آهي اهو لاهور جي گاڏي ۾ وينو آهي. هن ۾ اِحسَاسِ ڪمتري جو شِڪار ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالھ ٿي...؟

لِهٰذا اسان کي گهرجي تہ اسان پنهنجي صلاحيتن کي سڃاڻون، پوءِ پنهنجي زِندگي جو واضِح مقصد طئي ڪريون ۽ ان مُطَابق محنت ڪرڻ شروع ڪيون. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ڪاميابي اسان جو مقدر بڻجندي.

## پنهنجي صلاحيتن کي سڃاڻڻ وارا ڪي عظيم ماڻهو

ڪروڙين حنفين جا امام، امامِ اعظم، امام ابوحنيفہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تمام وڏا امام آهن، پاڻ پهريان واپار ڪندا هئا، هڪ ڏينهن امام شعبي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان سندن مُلاقات ٿي، امام شعبي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جڏهن امام ابوحنيفہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ذهانت ڏٺي تہ کين عِلمِ دين سکڻ ۽ عالم سڳورن جي صحبت ۾ ويهڻ جو مشورو ڏنو. بَس اهو ئي موقعو هو جو امام ابوحنيفہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه واپار کي ڇڏي عِلمِ دين سکڻ ۾ مَصرُوف ٿي ويا، ٿوري ئي عرصي ۾ پاڻ ان مقام تي پهتا جو پنهنجي زماني

[1]...فيض القدير، جلد:5، صفحہ:45، حديث:6358۔

جا سڀ کان وڏا مفتي، سڀ کان وڏا امام ۽ مُجتَهد بڻجي ويا.[1]

امام بُخَاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عِلمِ حديث جا تمام وڏا امام آهن، سندن لکيل حديثِ پاڪ جو مشهور ڪتاب **بُخَاري شريف** تمام وڏي رُتبي وارو ڪتاب آهي، امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي عمر مبارڪ 10 سال هئي جڏهن کين پنهنجي صلاحيتن جي سڃاڻپ ٿي، جيئن تہ پاڻ محنت ڪرڻ شروع ڪئي، اجا سندن ننڍپڻ مبارڪ ئي هو تہ پاڻ رَحْمَةُاللهِعَلَيْه 70 هزار حديث سڳوريون زباني ياد ڪري ورتيون.[2]

حُضُور مُحَدِّثِ اعظم پاڪستان مولانا سردار احمد صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڏي رُتبي واري هستي هئا، پاڻ انٽر ميڊيٽ (F.A) جا شاگرد هئا، هڪ ڏينهن لاهور جي جامع مسجد وزير خان ۾ هڪ جلسو منعقد ٿيو، ان جلسي ۾ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا شهزاده حُجَّةُ الاِسلام مولانا حامِد رضا خان صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تشريف وٺي آيا هئا، مُحَدِّثِ اعظم پاڪستان مولانا سردار احمد صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جيڪي ان وقت ننڍي ڄمار جا هئا، پاڻ بہ ان جلسي ۾ شريڪ ٿيا، ان موقعي تي پاڻ کي شهزاده اعليٰ حضرت مولانا حامِد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي زيارت ڪرڻ ۽ هٿ مبارڪ چُمڻ جي سَعَادت نصيب ٿي، بَس ڪامِل ولي جي زيارت جي برڪت هئي جو مولانا سردار احمد صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي دِل جي دُنيا بدلجي وئي، پاڻ جلسي کان بعد حُجَّةُ الاِسلام مولانا حامِد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خِدمت ۾ حاضِر ٿي عرض ڪيائون: هاڻي مون کي دُنياوي عِلم ۾ دلچسپي ناهي رهي، مان ديني عِلم پڙهڻ چاهيان ٿو. حُجَّةُ الاِسلام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کين پاڻ سان گڏ بريلي شريف وٺي ويا، اتي پاڻ عِلمِ دين سکندا رهيا، پوءِ اهو وقت بہ آيو جو مولانا سردار احمد صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **مُحَدِّثِ اعظم پاڪستان** جي لقب سان مشهور ٿيا ۽ عِلم ۽

[1] ...الخيرات الحسان، صفحہ:37۔

[2] ...ہدایۃُ السَّارِی، جلد:1، صفحہ:49۔

عَمَل ۾ وڏو رُتبو حاصِل ڪيائون. مُحَدّثِ اعظم پاڪستان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مزار مبارڪ پنجاب جي شهر فيصل آباد ۾ آهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! مَعلُوم ٿيو: جنهن جي جهڙي فطرت (هوندي) آهي، ان کي اهڙا ئي اَسباب مُيسَّر اچي ويندا آهن، لهٰذا اسان کي گهرجي ته اسان ٻين سان پنهنجي ڀيٽ (Comparison) نه ڪيون بلڪ پنهنجي صلاحيتن کي سڃاڻون، هن دُنيا ۾ پنهنجي جُدا اَهميت کي سمجهون ۽ ان جي مُطابق اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪيون. جيڪڏهن اسان پاڻ کي سڃاڻي وٺنداسين، پنهنجي صلاحيتن کي سمجهي وٺنداسين ته اِنْ شَآءَ الله الڪرِيم! احساسِ ڪمتري کان بچي وينداسين. الله پاڪ اسان کي عَمَل جي توفيق عطا فرمائي. آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم .

## 3-محنتي بڻجي وڃو...!

اي عاشقانِ رسول! اِحسَاسِ ڪمتري جو شِڪار ٿيڻ جو ٽيون وڏو سبب **خُوش فهمي** آهي. اِحسَاسِ ڪمتري جو شِڪار ٿيندڙ اَڪثَر ماڻهو بهاني باز هوندا آهن، هو چاهيندي يا نه چاهيندي پنهنجي سُستي ۽ ڪاهلي جي سامهون اِحسَاسِ ڪمتري جي آڙ وٺندا آهن، يعني حقيقت ۾ هو پُوري طرح محنت نه ڪري رهيا هوندا آهن، جڏهن محنت ناهن ڪندا ته ظاهر آهي انهن کي ڪاميابي به ناهي ملندي، جڏهن ڪاميابي ناهي ملندي ته اِحسَاسِ ڪمتري جو شِڪار ٿي ويندا آهن، اِحسَاسِ ڪمتري جو شِڪار ڪيئي ماڻهو اهو چوندي ٻڌا وڃن ٿا: جناب! مون گهڻي محنت ڪئي پر مون کي اهو مقام نه مليو، جنهن جو مان اَهل هئس. اهڙا ماڻهو جهڙي **محنت** ڪندا آهن. ان جو جيڪڏهن باريڪ نگاھ

[1]...حياتِ مُحدِّث اعظم، صفحه:33-34.

سان جائزو ورتو وڃي ته خبر پوندي ته حقيقت ۾ هي ماڻهو پُوري طرح محنت ڪندا ئي ناهن، ان ڪري هو ناڪام رِهجي ويندا آهن. ڪجھ اسلامي ڀائر مبلغن ڪي ڏسي اِحسَاسِ ڪمتري جو شِڪار ٿي رهيا هوندا آهن. مثال طور فُلاڻو اسلامي ڀاءُ بيان گھڻو جاندار ڪن ٿا، مون ڪي ته دَرس به ڏيڻ نٿو اچي. فُلاڻو اسلامي ڀاءُ جتي وڃي ٿو 12 دِيني ڪمن جي ڌُوم مچائي ڇڏي ٿو، مون ڪان هڪ دِيني ڪم به نٿو ٿي سگھي. ايئن اُهي اِحسَاسِ ڪمتري جو شِڪار ٿي رهيا هوندا آهن. جيڪڏهن انهن ڪان پڇيو وڃي ته ڀاءَ! اوهان ڪڏهن دَرس ۽ بيان جي لاءِ محنت ڪئي آهي؟ ته شايد جواب نه ۾ ملندو. جيڪڏهن پڇيو وڃي ته اوهان دِيني ڪمن ڪي روزانو ڪيترو وقت ڏيو ٿا؟ ته شايد ان جو جواب به تَسَلّي بخش نه ملي سگھي.

مطلب: اِحسَاسِ ڪمتري جو شِڪار ٿيندڙ جيڪو ڪجھ حاصِل ڪرڻ چاهين ٿا، حقيقت ۾ هي ان جي لاءِ پُوري طرح محنت نه ڪري رهيا هوندا آهن ۽ چاهيندي يا نه چاهيندي پنهنجي سُستي ۽ ڪاهلي ڪي اِحسَاسِ ڪمتري جي پردي ۾ لڪائي ڇڏيندا آهن.

## هر ڪاميابي جي پويان محنت هوندي آهي

ياد رکو! اسان جنهن شخص جي ڪاميابين ڪي ڏسي اِحسَاسِ ڪمتري جو شِڪار ٿي رهيا هوندا آهيون، ان ڪي هي ڪاميابيون ٿالهءَ (*Plate*) ۾ رکي تحفي طور ۾ پيش نه ڪيون ويون هيون، ان محنت ڪئي آهي. جيڪو اڄ ڪامياب مبلغ آهي، هو پهريان مبلغ نه هو، ان به جڏهن پهريون ڀيرو بيان ڪيو هو ته ان جون ٽنگون به ڏڪڻ لڳيون هونديون، ان کي به جھجھڪ ٿي هوندي، پر ان محنت ڪئي، تڪليف برداشت ڪئي، لاڳيتو ڪوشش ڪندو رهيو، نيٺ ان جي محنتن رنگ لاتو ۽ الله پاڪ ان ڪي ماهر مبلغ بڻائي ڇڏيو. اهڙي طرح هر اهو

شخص جيڪو اسان کي ڪامياب نظر اچي رهيو آهي، ان جي ڪاميابي جي پويان محنت ۽ مشقت جو هڪ مڪمل داستان هوندو آهي پر اسان ماڻهو ان جي محنتن کي ناهيون ڏسندا، صِرف ان جي ڪاميابي کي ڏسي اِحسَاسِ ڪمتري جو شِڪار ٿي ويندا آهيون.

## عاليشان بنگلو خريدڻ جي خواهش

هڪ غريب شخص هو، هو ڪٿان کان لنگهي رهيو هو، ان جي نظر هڪ عالي شان بنگلي تي پئي، محل نُما خوب صُورت ۽ عاليشان گهر ڏسي ان جي دِل کي ڏاڍو وڻيو، ان جي دِل ۾ شوق پيدا ٿيو تہ ڪاش! ڪنهن طرح بہ اهڙو عاليشان گهر بنائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃان. هاڻي ان عاليشان بنگلي جو در کڙڪايو. مُلازِم در کوليو. غريب شخص درخواست ڪئي تہ مان ان بنگلي جي مالِڪ کان ملڻ چاهيان ٿو. ان کي بنگلي جي مالِڪ جي سامهون پيش ڪيو ويو. هاڻي ان غريب شخص بنگلي جي مالِڪ کان پڇيو: جناب! مان بہ اهڙو عاليشان گهر بنائڻ چاهيان ٿو، ان جي لاءِ مون کي ڇا ڪرڻو پوندو؟ بنگلي جي مالِڪ وڏي سادگي سان چيو: ٽافين جو هڪ ڊبو خريد ڪري فُٽ پاٿ تي ويهي وڪڻڻ شروع ڪيو! غريب شخص هي جواب ٻُڌي ڏاڍو حيران ٿيو تہ مان هن کان عالي شان بنگلو خريدڻ جو طريقو پڇي رهيو آهيان ۽ هي مون کي فُٽ پاٿ تي ويهڻ جو مشورو ڏئي رهيو آهي. ان حيراني مان چيو: جناب! مان اوهان جو مطلب نہ سمجهيس...؟ بنگلي جي مالِڪ چيو: سولي ڳالھ آهي، توهان منهنجي گهر جهڙو گهر خريدڻ چاهيو ٿا، مون بہ فُٽ پاٿ تي ويهي ٽافيون وڪڻڻ کان شروعات ڪئي هئي، توهان بہ اتان کان شروعات ڪيو! الله پاڪ مون کي محنتن جو ڦل عطا ڪيو، توکي بہ ضرور عطا فرمائيندو.

**اي عاشقانِ رسول!** غور فرمايو! عاليشان بنگلي ۾ رهڻ واري دُنياوي

طَور تي ڪامياب انسان جي پويان محنت ۽ مشقت جو ڪيترو وڏو داستان هو. اهڙي طرح اسان بہ جنهن کي ڏسي اِحسَاسِ ڪمتري جو شِڪار تي رهيا هوندا آهيون، اسان کي گهرجي تہ اِحسَاسِ ڪمتري جو شِڪار نہ ٿيون بلڪ ان وانگر شوق و ذوق سان، لڳن سان خُوب دِل لڳائي محنت ڪيون، اِن شَآءَ الله الڪرِيم! ڪاميابي اسان جو مقدر ٿيندي. ڊاڪٽر اِقبال چوي ٿو:

يِہی آئينِ قُدرت ہے، يِہی اُسلُوبِ فطرت ہے | جو ہے راہِ عَمَل میں گامزن، محبوبِ فطرت ہے[1]

وضاحت: هن دُنيا ۾ قُدرت جو هي قانُون آهي تہ اهو شخص فِطرت جو پسنديده آهي، قُدرت انهيءَ کي نوازي ٿي جيڪو محنت ڪري ٿو.

## انسان ۽ جانور ۾ هڪ فرق

اسان ٿورو غور ڪيون: انسان ۽ جانورن ۾ هڪ وڏو واضِح فرق آهي. جانورن کي جيڪو ٻڄڻو هوندو آهي، اهي ٿئي ڪري پيدا ٿيندا آهن پر انسان کي جيڪو ٻڄڻو هوندو آهي اهو وڏو ٿئي ٻڄندو آهي. مثال طَور گهوڙو جڏهن پيدا ٿيندو آهي تہ هو گهوڙو ئي رهندو آهي ۽ وڏو ٿي ڪري بہ گهوڙو ئي رهندو آهي، ڪڏهن اوهان ڏٺو تہ گهوڙو وڏو ٿي ڊاڪٽر يا انجينئر وغيره ٿيو هجي؟ ان جي ابتڙ انسان کي ڏسو تہ انسان کي جيڪو ٻڄڻو هوندو آهي، هو هن دُنيا ۾ اچڻ ڪان بعد وڏو ٿي ٻڄندو آهي.

صِرف 2 رُتبا آهن جيڪي وَهبِي آهن يعني محنت سان حاصِل نٿا ڪري سگهجن: (1): هڪ نُبُوَّت (2): ٻيو وِلايت. هي ٻئي رُتبا الله پاڪ جنهن کي عطا فرمائي، ان کي مِلي سگهن ٿا ۽ نُبُوَّت تہ ختم ٿي چڪي آهي، اسان جي پياري ۽ آخري نبي، رسولِ هاشمي، مُحَمَّد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪان بعد هاڻي قيامت

---

[1]...ڪلامِ اقبال، بانگِ درا، صفحہ:97۔

تائين ڪو نئون نبي نہ ايندو.

مطلب: هن ٻن رُتبن کان عِلاوه سيئي رُتبا ڪسبي آهن. انسان وڏو تي جيڪو بڻجڻ چاهي، بڻجي سگهي ٿو، ان جي لاءِ صِرف 3 شين جي ضرورت آهي: (1):يقين (2): جذبو ۽ (3): محنت.

يقيں محکم، عمَل پیہم، محبت فاتحِ عالم | جہادِ زندگانی میں یہ ہیں مَردوں کی شمشیریں[1]

وضاحت: يعني پختو يقين، مسلسل محنت ۽ سچو جذبو، هي ٽي شيون زِندگي جي جنگ ۾ تلوار جو ڪم ڪن ٿيون، جنهن ڪي اهي ٽي شيون مليل آهن هو ڪڏهن ناڪام ناهي ٿيندو.

## عَلامہ تَفتَازاني رَحمَۃُ اللہِ عَلَيْہ تي ڪرم ٿي ويو

عَلّامہ سَعدُ الدِّين مَسعُود بن عُمر تَفتَازاني رَحمَۃُ اللہِ عَلَيْہ تمام وڏا عالِم دِين آهن، دَرسِ نِظامي (يعني عالِم ڪورس) ۾ سندن لکيل ڪيئي ڪتاب پڙهايا ويندا آهن. عَلّامہ تفتَازَاني رَحمَۃُ اللہِ عَلَيْہ قاضِي شيرازي رَحمَۃُ اللہِ عَلَيْہ وٽ پڙهندا هئا ۽ ڪلاس ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪُندذِهن سمجهيا ويندا هئا. سندن هم مڪتب (*Class Fallow*) سندن ڪند ذِهني (ڪمزور ياد داشت) جي ڪري مذاق اُڏائيندا هئا. ان جي باوُجُود عَلّامہ تَفتَازَاني رَحمَۃُ اللہِ عَلَيْہ همّت نہ هاري ۽ محنت ڪندا ئي رهيا، وڏي ڪوشش ۽ محنت سان سبق ياد ڪندا هئا، وري وسري ويندو هيو، وري ياد ڪندا هئا، ايئن پاڻ محنت جاري رکيائون. هڪ ڀيري پاڻ رَحمَۃُ اللہِ عَلَيْہ سبق ياد ڪرڻ ۾ مَصرُوف هئا تہ هڪ اجنبي شخص اچي چيو: مَسعُود! اُٿ! اسان سير ڪرڻ هلون ٿا. عَلّامہ تفتازاني رَحمَۃُ اللہِ عَلَيْہ جواب ڏنائون: **مون کي گهمڻ ڦرڻ جي لاءِ پيدا ناهي ڪيو ويو،** هونئن بہ ايترو پڙهڻ جي باوُجُود مون کي ڪجھ سمجھ نٿو اچي، پوءِ مان

[1]...کلامِ اقبال، بانگِ درا، صفحہ:454۔

گھمڻ ڦرڻ ۾ وقت ڪيئن ٿو برباد ڪري سگھان؟ اهو ٻڌي اهو اجنبي شخص هليو ويو، ڪجھ دير بعد وري ساڳيو شخص موٽي آيو، ان وري ڪين سير و تفريح تي هلڻ جي دعوت ڏني، پاڻ وري ساڳيو جواب دهرايائون. ٿوري دير ڪان بعد ٽئين ڀيري اهو ئي شخص آيو، هن ڀيري ان چيو: اوهان کي الله پاڪ جا آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ياد فرمائي رهيا آهن. بَس اهو ٻڌڻو هو جوعَلّامہ تفتازاني رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه جي بدن تي ڏڪڻي طاري ٿي وئي ۽ پاڻ پيرين اگهاڙي ديدارِ محبوب جي لاءِ ڊوڙ پاتي. پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ شهر کان ٻاهر هڪ خُوش نصيب وڻ هيٺ جَلوه فرما هئا، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ عَلّامہ تفتازاني رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه کي ڏسي مرڪي فرمايائون: اسان جي بار بار سڏڻ تي اوهان نہ آيا؟ علامہ تفتازاني عاجزي سان عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! مون کي خبر نہ هئي تہ اوهان ياد فرمائي رهيا آهيو؟ اوهان تہ منهنجي ڪُند ذِهني کي سمجهو ٿا، يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! مان اوهان جي پاڪ بارگاھ ۾ شِفا جو طلب گار آهيان. عَلّامہ تفتازاني رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه جو فرياد ٻُڌي درياءِ رحمت جوش ۾ آيو، نبي رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: پنهنجو وات کوليو! عَلّامہ تفتازاني وات کوليو تہ سرڪارِ عالي وقار، مکي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجو لُعاب مبارڪ ان جي وات ۾ وڌو ۽ دُعا بہ فرمائي.

ٻي ڏينهن جڏهن عَلّامہ تفتازاني رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه ڪلاس ۾ پهتا تہ پاڻ سبق دوران استاد صاحب کان ڪجھ علمي سُوال ڪيا، سندن باريڪ ۽ علمي سُوال ٻُڌي اُستاد صاحب قاضِي شيرازي رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه جن فرمايو: اي مَسعُود! اڄ توهان ڪالھ وارا تفتازاني نہ پيا لڳو. ٻڌاءِ! ڇا ماجرو آهي؟ عَلّامہ تفتازاني رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه استاد کي

سچو واقعو ٻڌايو  تہ محترم استاد رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه پڻ اشڪبار ٿي ويا.[1]

مرے تم خواب میں آؤ، مرے گھر روشنی ہو گی | مری قسمت جگا جاؤ، عِنایت یہ بڑی ہو گی[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! محنت ڪرڻ وارن خُوش نصيبن تي ڪڏهن ڪڏهن اهڙيون ڪرم نوازيون بہ  ٿينديون آهن. الله پاڪ اسان سڀني کي محنت ڪرڻ وارو بڻائي. آمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم .

## بيان جو خُلاصو

اي عاشقانِ رسول! گفتگو جو خُلاصو هي تہ اِحسَاسِ ڪمتري نقصان ڏہ مرض آهي جيڪو ترقي ۽ ڪاميابي جي راھ ۾ رُڪاوٽ بڻجي ٿو ۽ ڪڏهن ڪڏهن مايوسي ۽ حَسَد جهڙي هلاڪت ۾ وجهڻ وارين باطني بيمارين جو سبب بہ بڻجي وڃي ٿو. ان ڪري اسان کي گهرجي تہ اسان هميشہ الله پاڪ جي رِضا تي راضِي رهون، شُڪر گذار بڻجون، الله پاڪ جيڪي نعمتون عطا ڪيون آهن، اُنهن تي تَوَجُّھ رکو، جيڪڏهن اسان پنهنجي مَحرُومين تي سوچ ويچار ڪرڻ لڳنداسين تہ نقصان ۾ پئجي وينداسين، هميشہ الله پاڪ جي ڏنل نعمتن بابت سوچيون، اُن جو شڪر ادا ڪيون، اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم ! نيڪيون بہ ملنديون، الله پاڪ چاهيو تہ نعمتن ۾ اِضافو بہ ٿيندو، هن سان گڏ اسان پنهنجي صلاحيتن کي سڃاڻون، زِندگي جو هڪ واضِح مقصد بڻايون ۽ الله پاڪ تي ڀروسو رکي پُوري محنت ڪيون. اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم ! ڪاميابي نصيب ٿيندي ۽

---

1...حافظہ کیسے مضبوط ہو؟، صفحہ:119-121۔

2...وسائل بخشش، صفحہ:391۔

اِحساسِ ڪمتري کان نجات ملي ئي ويندي.

خُدا نے آج تک اُس قوم کی حالت نہیں بدلی | نہ ہو جس کو خیال آپ اپنی حالت کے بدلنے کا

الله پاڪ اسان کي محنتي، شکر گذار ۽ پنهنجي رضا تي راضِي رهندڙ بڻائي. آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم .

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: اسلامي ڀائرن جا مدرسة المدينہ

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآنِ ڪريم سان محبت ڪرڻ جي لاءِ، قرآنِ ڪريم جي تلاوت جو ذهن بنائڻ جي لاءِ، قرآنِ ڪريم کي سمجھڻ جي لاءِ، قرآنِ ڪريم تي عمل ڪرڻ جو جذبو ماڻڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ 12 ديني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دِين ۽ دُنيا جون بيشُمار ڀلائيون نصيب ٿينديون. دعوتِ اسلامي جي ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم آهي: اسلامي ڀائرن جا مدرسة المدينہ.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي حوالي سان مسجدن ۾، اسڪول ۽ ڪاليج ۽ مارڪيٽن وغيره ۾ لڳڻ وارن مدارِسُ المدينہ ۾ اسلامي ڀائرن کي تجويد سان قرآنِ ڪريم پڑھڻ سيکاريو ويندو آهي ۽ گڏوگڏ بنيادي ضروري اَحڪام ۽ مَسَائل ۽ سنتون ۽ آداب بہ سکاريا ويندا آهن.

## فيشن پرست سُنتن جو عامِل بڻجي ويو

بلوچستان جي رهواسي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خُلاصو آهي: دعوت

اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پهريان مان تمام گھڻو فيشن پرست هئس، چهري تي ڏاڙهي نہ هئي، نہ مٿي تي عمامي شريف جو تاج هو، سنّتن پري راهہ کان پري دُنيا جي محبت ۾ گم تي پنهنجي قيمتي زندگي ڪي بي عملي ۽ جهالت جي اونداهين ۾ گذاري رهيو هئس. منهنجي زندگي ۾ روشني جو ڪرڻو هن طرح چمڪيو جو هڪ ڏينهن دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ هڪ اسلامي ڀاءُ منهنجو تجويد سان قرآن پاڪ پڙهڻ جو ذهن ناهيو، نماز عشاء کان بعد لڳندڙ اسلامي ڀائرن جي مدرسة المدينہ ۾ شرڪت جي دعوت پيش ڪئي، مون ان جي نيڪي جي دعوت کي قبول ڪري ورتو ۽ اسلامي ڀائرن جي مدرسة المدينہ ۾ شرڪت ڪرڻ لڳس، الحمد للّٰه! هن جي برڪت سان مون تجويد سان قرآن ڪريم سکي ورتو ۽ فيشن پرستي ڇڏي سنّتن جو عامل بڻجي ويس.

يهی ہے آرزو تعلیمِ قرآں عام ہو جائے | تلاوت کرنا صُبح وشام میرا کام ہو جائے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سَعادت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاھ نبوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايائون: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِى فَقَدْ اَحَبَّنِى وَمَنْ اَحَبَّنِى كَانَ مَعِى فِى الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي هو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

[1]...مشكوٰة،كتابُ:الْاِيمان،بابُ:الْاِعْتِصَام، جلد:1، صفحہ:55، حديث:175.

## سلام كرڻ جون سنتون ۽ آداب

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: اَلسَّلَامُ قَبْلَ الْكَلَامِ: سلام ڳالھ ٻولھ کان پهريان آهي.(1)

پيارا اسلامي ڀائرو! ❖ مسلمان سان ملاقات ڪندي وقت سلام ڪرڻ سنّت آهي. ❖ سلام ڪرڻ وقت دل ۾ اها نيّت هجي تہ جنهن کي سلام ڪري رهيو آهيان ان جو مال ۽ عزت و آبرو سڀ ڪجھ منهنجي حفاظت ۾ آهن ۽ مان انهن مان ڪنهن شيء ۾ دخل اندازي ڪرڻ حرام سمجهان ٿو. ❖ ڏينهن ۾ ڪيترائي ڀيرا ملاقات ٿئي، هڪ ڪمري کان ٻئي ڪمري ۾ هرهر اچ وڃ ٿئي، اتي موجود مسلمانن کي سلام ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي ❖ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ سنّت آهي. ❖ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو الله پاڪ جو مُقرّب آهي ❖ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو تَڪَبُّر کان بہ بَري آهي جيئن منهنجي مکي مدني آقا، مني مني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان آهي: سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو تَڪَبُّر کان بَري آهي. ❖ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ واري تي 90 رحمتون ۽ جواب ڏيڻ واري تي 10 رحمتون نازل ٿينديون آهن. ❖ اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ چوڻ سان 10 نيڪيون ملنديون آهن، گڏوگڏ وَرَحْمَةُ الله بہ چوندا تہ 20 نيڪيون ٿي وينديون ۽ وَبَرَكَاتُهٗ شامل ڪندؤ تہ 30 نيڪيون ٿي وينديون. ڪي ماڻھو سلام سان گڏ جنّت المقام ۽ دوزخ الحرام جا الفاظ بہ وڌائي ڇڏيندا آهن اِهو غلط طريقو آهي، ۽ اهو جملو لغت جي اعتبار سان بہ غلط آهي بلڪ ڪي تہ معاذالله مذاقاً ايتري تائين بڪندا آهن، اوهان جا ٻار اسان جا غلام. امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فتاوي رضويہ جلد 22صفحي 409 تي فرمائن ٿا: گهٽ مان گهٽ اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ ۽

---

1 ...ترمذی، کتاب:الاستئذان، باب:ماجاء فی السلام قبل الکلام، صفحہ:635، حدیث:2699۔

هن کان بهتر وَرَحمَۃُ اللهِ ملائڻ ۽ سڀ کان بهتر وَبرَڪَاتُہٗ شامل ڪرڻ آهي ۽ هن تي زيادت (يعني اضافو) ناهي. سلام ڪرڻ واري اَلسَّلَامُ عَلَيْڪُمْ چيو تہ جواب ۾ وَعَلَيْڪُمُ السَّلَامُ وَرَحْمَۃُ اللهِ چوي ۽ جيڪڏهن سلام ڪرڻ واري اَلسَّلَامُ عَلَيْڪُمْ وَرَحْمَۃُ الله چيو تہ هي وَعَلَيْڪُمُ السَّلَامُ وَرَحمَۃُ الله وَبرَڪَاتُہٗ چئي ۽ سلام ڪرڻ واري وَبرَڪَاتُہٗ تائين چيائين تہ جواب ڏيڻ وارو بہ ايترو ئي چوي ان کان زيادت (يعني اضافو) ناهي ❖ سلام جو جواب فوراً ۽ ايتري آواز سان ڏيڻ واجِب آهي جو سلام ڪرڻ وارو ٻڌي وٺي. سَلام ۽ سلام جي جَواب جو دُرُست تَلَفُّظ ياد ڪريو. پهريان مان چوان تو اوهان ٻڌي دهرايو: اَلسَّلَامُ عَلَيْڪُمْ (اَسْ۔سَلَا۔مُ۔عَلَيْ۔ڪُمْ) هاڻي پهريان مان جَواب ٻڌايان تو پوءِ اوهان ان کي دهرايو: وَعَلَيْڪُمُ السَّلَامُ (وَ۔عَ۔لَيْڪُ۔مُسْ۔سَلَام).[1]

رضائے حق کیلئے تم سلام عام کرو | سلامتی کے طلب گار ہو سلام کرو

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي ”بهارِ شريعت“ جلد:3، حصو: 16 ۽ شيخِ طريقت، امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہ جو 91 صفحن جو رسالو ”550 سنتون ۽ آداب“ خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر بہ آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو | سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو | ختم ہوں شامتیں قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. آمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

[1]...550سنتیں اور آداب، صفحہ:30-32۔